# جوئاري

**(THE GAMBLER)**

مصنف:

دوستووسڪي

مترجم:

قاضي خادم

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
١٩٧٦ع

# جوئاري

# (THE GAMBLER)

مصنف:

دوستو وسڪي

مترجم:

قاضي خادم

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٦ع

ڇاپو ٻيون]　　　سال ١٩٧٦ع　　　[تعداد هڪ هزار

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

ملڻ جو هنڌ :

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
جنرل پوسٽ آفيس باڪس نمبر ١٢
حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت : ڇهه رپيا

هيءُ ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، ڪاذي ڪاتي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ٻه لفظ

ترجمي جو فن ڪنهن به صورت ۾ تخليقي عمل کان گهٽ ناهي. هن فن جو واسطو ڳوڙهي مطالعي ۽ ٻوليءَ جي مهارت سان آهي. تخليقي فنڪار کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تخليق تي ڪرڻي پوي، جڏهن ته ترجمي ڪندڙ کي اصلي لکڻيءَ جي ٻوليءَ جي صحت ۽ مفهوم جو روح برقرار رکڻ سان گڏ ان کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اهڙي ته انداز سان پيش ڪرڻو ٿو پوي جو ان جي اصليت تي به ڪو اثر نه پوي ۽ اهو گهربل ٻوليءَ ۾ سهڻي انداز سان منتقل به ٿي وڃي.

ڪنهن به فن پاري کي ترجمي ڪرڻ سان ترجمي ڪندڙ جو خاص مقصد اهو هوندو آهي ته ڌارين ٻوليءَ جي ڪا اهم ۽ خوبصورت لکڻي پنهنجيءَ زبان ۾ يا وري پنهنجي ٻوليءَ جي ڪا نمائنده لکڻي ڌارين ٻوليءَ ۾ منتقل ڪجي. ان طرح ئي دنيا جا مختلف ادب ۽ انهن جا پارکو هڪٻئي جي ويجهو آيا آهن ۽ انسان ذات جا قدم عظيم تر ۽ وسيع تر انساني مفادن جي طرف وڌيا آهن— يونان جو ادب انگلستان ۾، انگلستان جو ادب روس ۾ ۽ روس جو ادب سنڌيءَ ۾، مطلب ته دنيا جون سموريون ٻوليون ۽ انهن جو ادب ترجمي جي صورت ۾ ملي هڪ ٿي ويو آهي— ان طرح انسان جو بين الڪائناتي تصور به حقيقت ٿيندڙ پيو نظر اچي.

هيءُ ناول روس جي عظيم ليکڪ دوستووسڪيءَ جو لکيل آهي. اها حقيقت آهي ته 'ڪرائم اينڊ پنشمينٽ'، 'برادرز ڪارمزاف' ۽ 'ايڊيٽ' جي آڏو هن ناول جي ڪا خاص حيثيت

# انتساب

آءُ پنهنجي پيار جو هي پورهيو،
سنڌ جي عظيم انقلابي شاعر

## شيخ اياز

ڏانهن منسوب ٿو ڪريان، جنهن جي
سڀاجهي شخصيت هميشه منهنجو آئيڊيل
رهي آهي.

— قاضي خادم

ڏيڻ ۾ به عار محسوس نه ڪندي هوندي ڇو جو هوءَ ان کي انسان ئي نه سمجهندي هوندي، پالينا به مون کي اڪثر انسان نه سمجهيو آهي، ڀوءِ به مون کي هن جي حڪم جي ڀونواري ڪرڻي هئي. مون کي هر قيمت تي 'رولت' جي جوئا ۾ هن لاءِ پئسا ڪٺا هئا. مون وٽ هي سوچڻ لاءِ نه وقت ئي ڪونه هو نه آخر آءٌ جوا ڇو ڪريان! ڪرڻ سو به اهڙي شرط ۽ ايترو جلدي! ۽ نه هيءَ سوچڻ جي فرصت هئي نه پالينا جي سوچ ويچار جي عادي ذهن ۾ ڪهڙا نوان منصوبا تيار ٿي رهيا هئا. تنهن کان سواءِ گذريل ٻن هفتن ۾ منهنجي ڀرپور جهڙڪي نيون حالتون پيدا ٿيون هيون، انهن جي به اڃا مون کي چڱيءَ طرح پروڙ ڪانه پئي هئي. مون کي انهن سڀني ڳالهين جي خبر ڪيڏي هئي، ۽ جلد کان جلد انهن جي انت تائين پهچڻو هو. پر هاڻ نه مون وٽ وقت ئي ڪونهي. مون کي هر صورت ۾ 'رولت' جي جوا خاني ۾ پهچڻ کپي.

هو مون ڏانهن پر معنيٰ تيز نگاهن سان ڏسندو بيٺي رهيو، هن جي ان سمجهه ڳالهه جو مطلب ڇا هو، مان ڪجهه به نه سمجهي سگهيس. ڇو جو جڏهن مون هن کان پڇيو ته سندس مطلب ڇا هو، تڏهن هن مشڪي، ڪنڌ لوڏيندي چيو، ”اوه! مطلب اهو ئي آهي.... ڇا، مادموزيل پالينا ڪي ڳالهه وٺندا آهن؟“

”مون کي خبر نه آهي—مون کي بالڪل خبر نه آهي.“ مون چيو.

”هان! ته ڇا اوهان کي اها خبر به ڪانهي؟“ انگريز صاحب حيرت مان چيو.

”آءٌ سچ ٿو چوان ته مون کي خبر ڪانهي — مون ڪڏهن ان تي غور ئي نه ڪيو آهي.“ مون ورائيو.

”عجيب ڳالهه آهي؟“

هو ڪنڌ لوڏيندو هليو ويو. البت هو خوش نظر اچي رهيو هو. عجيب غلط سلط فرينچ ٻولي هڪ ٻئي کي ٻڌائي هئيسون!

ٿو پوڻ، جو...."

هميشہ جيان هن ڳالهہ اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏني. اسان جي جنرل صاحب جي عادت آهي تہ هو روزمره جي عام گفتگو کان مٿي ٿوري بہ اهم ڳالهہ ڪندو، تہ هميشہ پنهنجا جملا اڌ ۾ ڇڏي ڏيندو آهي. فرينچ ڪجهہ ڪجهہ اکيون ڦاڙي منهنجي ڳالهہ ٻڌي. منهنجي خيال ۾ هو منهنجي ڳالهين جو مطلب مشڪل سان سمجهي سگهيو هوندو. پاليما وڏي خود داريءَ ۽ بي نيازيءَ سان ٻئي پاسي گهور پائي ڏسي رهي هئي، هن اٿين پئي ڏِک ڏني ڇڻ هن منهنجي يا ان ڏينهن ميز تي ڪيل بي ڪابہ ڳالهہ ٻڌي ئي ڪانہ هئي.

هوس. رگهو تنهنجي ته جنرل صاحب جي لاءِ سوچي رهيو هوس. هڪ خاتون جي توهين ڪرڻ چريائي نه آهي ته ٻيو ڇا آهي!؟"

"مون کي خبر آهي ته تون رگهو ڳالهيون ڪرڻ ٿو ڄاڻين،" هن بيزاريءَ مان چيو، "تنهنجي اکين مان رت ٿمي رهيو هو، سو رگهو انڪري جو تو شراب پيتو هو. ڇا تنهنجي خيال ۾ آءٌ اهو نٿي سمجهي سگهان ته اها چريائي آهي ۽ جنرل صاحب ناراض ٿي ويندو! آءٌ رگهو ڪلهه ٿي گهران، ۽ بس — ۽ اهو سڀڪجهه انهي لاءِ ٿي آهي. هونئن توکي هڪ خاتون جي بي عزتي ڪرڻ ملندو به ڇا؟ رگهو موچڙا."

آءٌ سڙيس ته هن جي حڪم جي تعميل ڪرڻ لاءِ خاموشيءَ مان هلڻ لڳس. بي شڪ اها چريائي هئي ته يقيناً مون کي خود خبر ڪانه هئي ته آءٌ هي ڪم ڪيئن ڪري سگهندس. پر جيئن جيئن مان جاگيرداريائيءَ جي ويجهو پئي ويس، تيئن تيئن مون کي ياد آهي ته منهنجي اندر ڪو جذبو مون کي اڳتي ڌڪڻ لڳو. پاراڻي حرڪت جو جذبو. ان کان سواءِ منهنجي حالت خطرناڪ حد تائين جوش ۾ به هئي. مون کي ائين پئي لڳو، ڄڻ مان شراب جي نشي ۾ مست ٿي چڙهندو آهيان.

ڪان ٻڇي، موُن کي واپس گهرائيندي يا نه، ته به گهٽ ۾ گهٽ اها ته خبر پئجي ويندس ته آءٌ به پنهنجو وقار قائم رکي سگهان ٿو.

(هڪ عجيب خبر: اڄهو هيڊر ڏاڪڻ تي نرس مون کي ٻڌايو ته ماريا فلپانا پنهنجي موٽ سان ملڻ اڄ شام جي گاڏيءَ ۾ اڪيلي ڪارلسباد هلي ويئي آهي. ان جو مطلب ڇا؟ نرس چوي ٿي ته هُن ڪافي وقت کان اوڏانهن وڃڻ جو پئي سوچيو. پر ڇو؟ تنهن جي ڪنهن کي به خبر نه آهي. حالانڪ حقيقت هيءَ آهي ته مون کان سواءِ ڪنهن کي خبر آهي. آخر جلديءَ ۾ نرس جي وات مان نڪري ويو ته تيون ڏينهن ماريا فلپانا جنرل سان ڪي تکا مٺا الفاظ ڳالهايا هئا. هاڻ مون سمجهيو. اهو سڀ مادموزيل بلانشي جو معاملو هوندو. ها، هاڻ ڪانءِ ڪا فيصلي ڪن ڳالهه ٿيڻ واري آهي.)

ڻي. جڏهن ڪاٿ آءٌ ڪيڻ سجاڻان ته هنن جا تعلقات منهنجي لاءِ راز بڻجي چڪا هوا، ۽ چند ڏينهن اڳ ته مون ڀاڻيا جي رويي ۾ عجيب ڦيرو بلڪ گريو لاءِ نفرت ڏٺي هئي. ڀاڻيا ڏي هو نه صرف ڏسندو ئي نه آهي، بلڪ هن مان بدتميزيءَ سان پيش ٿو اچي. مون کي خبر پئجي چڪي هئي. خود ڀاڻيا مون وٽ هن لاءِ نفرت جو اظهار ڪيو هو. هن پنهنجي زبان سان نهايت ئي معنيٰ خيز اعتراف ڪيا هئا.... ته هوءَ هن جي مٺ ۾ هئي. هوءَ هن جي ڪنهن نه ڪنهن دباءَ هيٺ هئي.

ان وقت اسين هوٽل وچي رهيا هئاسين. قهوه خاني مان نڪتي گهڻو وقت ٿي ويو هو، پر اسان کي ان جو خيال به ڪونه هو.

”ڪنهن عورت جو آواز ته مون به ٻڌو هو، پر خبر نه آهي ڪنهن کي پئي سڏيائين، روسي ٻوليءَ ۾ سڏي رهي هئي هوءَ — هاڻ سمجهيس.“ انسٽلي صاحب چيو، ”هوءَ ڏس، هوءَ عورت جا هيٺر معذورن واري ڪرسيءَ تي ويٺي، هتان لنگهي. او! هوءَ- جنهن کي ڪيترائي خادم مٿي ڏاڪڻ تان کنيو پيا وڃن. پٺيان هيترين پيٽيون به پيا مٿي نين. شايد گاڏي هيٺر آئي آهي.“

”پر هوءَ مون کي ڇو پئي سڏي؟ هوءَ وري وري پيئي سڏ ڪري. ڏسو پاڻ ڏانهن رومال لوڏي پئي.“

”ها، ها واقعي هوءَ اسان کي ئي پئي سڏي“

”اليگزي اوانووچ-! اليگزي اوانووچ! خدا رحم ڪر، عجيب ماڻهو آهين، ٻڌ ته سهي!“ هوٽل جي ڏاڪڻ تان ڪو ڇئي رهيو هو.

اسين تيزيءَ سان صدر دروازي ڏانهن وڌياسين. آءٌ جيئن تڪڙو تڪڙو ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهتس ته حيرت کان منهنجا پير زمين ۾ کپي ويا.

——

”پر ڏاڏي...“

”آخر توکي ايڏو شرم ڇو پيو اچي؟ جي پنهنجي وقار جو ايڏو خيال اٿئي، ته اسان سان نه هل، توکي ڇوي ڪير ٿو؟ تون جنرل آهين. مان به ته جنرل جي بيگم آهيان. آخر توهان سڀني کي مون سان گڏ هلڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مان اڪيلي اوانووچ سان گڏ هلي وينديس.“

پر فرينچ اصرار ڪرڻ لڳو ته اسان کي هن وقت ڏاڏيءَ سان گڏ ضرور وڃڻ کپي ۽ خود ئي هن سان گڏ وڃڻ جي خوشيءَ کي شاعرانه انداز ۾ بيان ڪرڻ لڳو. آخرڪار سڀئي هلڻ لاءِ تيار ٿي وياسين.

هلندي وقت گريو آهستي جنرل جي ڪن ۾ چيو، ”هي سڀ خالي ڳالهيون آهن. گهبراءِ اصل نه. هي ته رڳو اجائي بڪ بڪ آهي....“ ان کان وڌيڪ آءٌ ٻڌي نه سگهيس. البته ان مان اهو ضرور ظاهر ٿي ٿيو ته هو پر اميد آهن، بلڪ شايد سندس ڪي اميدون پوريون ٿي رهيون هيون.

ڪاسينو اتان اٽڪل اڌ ميل جي فاصلي تي هو. رستو شاه بلوط جي وڻن جي وچان ٿي لنگهيو، رستو ٽپي هو سڀ ڪاسينو وٽي پهتا. جنرل صاحب ٿورو مطمئن نظر اچي رهيو هو، ڇو جو هي مختصر جلوس ڏاڍو بي ترتيب هجڻ جي باوجود شاندار ۽ نمائشي لڳي رهيو هو ۽ واقعي ان ۾ حيرانيءَ جي ڳالهه ئي ڪهڙي هئي! هڪ معذور پوڙهي، جا خود هلي چري به نه سگهي، ڪاسينو هلي ٿي اچي، پر ته به جنرل صاحب ڪاسينو وڃڻ کان ڪجهه ڊنو پئي. شايد هن کي هي خيال پئي ٿيو ته آخر هڪ معذور پوڙهيءَ کي، جا خود هلي ڦري به نٿي سگهي، جوئا خاني ۾ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي! مس پالينا ۽ مادموزيل بلانشي ڪرسيءَ جي ٻنهي طرفان هيون. مادموزيل بلانشي هميشه جيان ٺهڪ ڏيئي رهي هئي ۽ ڏاڏيءَ جي دل ۾ گهر ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون مٺيون ڳالهيون ڪري رهي هئي. جنهن جو نتيجو

چار هزار فلورن ۽ ويهه فيڊرڪ مليا هئا. ويهه فيڊرڪ جا سڪا ۽ چار هزار فلورن بينڪ جي نوٽن جي شڪل ۾ ڏنا ويا.

هن پيري ڏاڏيءَ پوتا پچ کي ڪونه مڏيو. ڇو جو هاڻ هن ۾ بردباري اچي وڃي هئي ۽ پهرينءَ واري بڙ بڙ به ختم ٿي ويئي هيس. سنديس ڏڪڻي به ختم ٿي وئي هئي. ها هوءَ اندر ئي اندر ۾ ضرور ڪنبي رهي هئي. خبر ناهي ته ڪهڙيءَ سوچ ۾ پيڏل هئي.

”اليڪري! هينئر هو خزانچي چئي رهيو هو ته هڪ شخص هڪ وقت ۾ رڳو چار هزار فلورن ٿو لڳائي سگهي، ڇيو هئائين نه؟ ته وٺ هي چار هزار فلورن ڳاڙهي نشان تي لڳاءِ.“ ڏاڏيءَ مون کي حڪم ڪيو.

پلا اعتراض ڪرڻ جي ڪهڙي مجال هئي. چڪر ڦرڻ لڳو.

”ڳاڙهو!“ خزانچيءَ هميشه وانگر رڙ ڪئي.

ڏاڏي هڪ پيرو وري کٽي ويئي هئي ۽ هاڻ ڪل اٺ هزار فلورن ٿي ويا هئا.

”ڇگو چار مون کي ڏي ۽ چار هزار ڳاڙهي نشان تي هڻ!“ ڏاڏيءَ حڪم ڏنو.

مون وري چار هزار لڳايا. چڪر ڦرڻ لڳو.

”ڳاڙهو!“ خزانچيءَ ٻيهر رڙ ڪئي.

”ڪل ٻارنهن هزار ٿي ويا نه ـــ ڇگو ڏي. سڀ مون کي ڏي. سڪا ٻٽوڻءَ ۾ وجهه ۽ نوٽ رومال ۾ ٻڌي ڇڏ. بس ڪافي آهن. هلو ته هاڻ گهر هلون ـ پالئي، ڪرسي ڇڪيو، جلدي ڪريو.“

تون سمجهي ويو هوندين. بيشڪ تون سمجهين ٿو." هن مادموزيل بلانشي ڏانهن اکين سان اشارو ڪندي چيو— حقيقت ۾ هن جي حالت رحم جي قابل هئي.

اوڏي مهل ڪنهن آهستي دروازو کڙڪايو. دروازو کليو. هوٽل جو بيرو ۽ ان جي پٺيان پوٽا پڇ بيٺو هو. هن کي ڏاڏيءَ مون ڏانهن اماڻيو هو ته جيئن مون کي سڏي اچي.

"هوءَ ڏاڏي ڪاوڙي ويٺي آهي." پوٽا پڇ چيو.

"پر اڃا ته ساڍا ٽي ٿيا آهن!"

"هوءَ ته ستي به ڪانهي. سڄو وقت پاسا ورائيندي گذاريو اٿس. هينئر ته پلنگ تان به اٿي آهي. پنهنجي ڪرسي گهرائي اٿس ۽ مون کي هيڏانهن موڪليو اٿس. پاڻ ٻاهرئين دروازي تي ويٺي آهي."

"ميان، جلدي وڃ." گريو چيو.

مون کي ڏاڏي ڏاڪڻ تي ملي. مون کي اٿڻ شرط پاڻ وٽ نه ڏسي، بنهه آپي کان ٻاهر نڪري ويٺي هئي. ڪمال آهي، چئين بجي تائين به انتظار ڪري نه سگهي.

"هل! هاڻ هل!" ڏاڏيءَ چيو ۽ اسين ٻيهر رولٽ جي جوئا خاني ڏانهن وياسين.

ارادو بدلايو ۽ موٽيس. هن مون کي ڪونه ڏٺو هو. آءٌ واپس ڪمري ۾ آيس. آهستي دروازو کوليم. ان اونداهيءَ ۾ دريءَ واريءَ ڪرسيءَ تي ڪو ويٺو هو. جڏهن آءٌ آهستي اندر داخل ٿيس، ته هو چريو پريو به ڪونه. تيزيءَ سان وڌي، ويجهو ويس ته هن کي ڏسي منهنجي دل ڌڙڪڻ وساري ڇڏيو — هوءَ پالينا هئي.

# باب چوڏهون

مون کان بنهه رڙ نڪري ويئي.

”ڇا آهي، آخر ٿيو ڇا؟“ هن تعجب مان پڇيو. اداسيءَ کان هن جو رنگ هيڊو ٿي ويو هو.

”تون مون کان ٿي پڇين، سو به منهنجي ڪمري ۾؟“

”منهنجو طريقو اهو ئي آهي. جي اڇٺو هوندو اٿم ته هلي ايندي آهيان. توکي سڀ خبر پئجي ويندي. ٿوري بتي ٻار.“

مون بتي ٻاري، هوءَ اٿي اچي ميز تي ويٺي ۽ هڪ ڪليل چٺي منهنجي هٿ ۾ ڏنائين.

”هن کي پڙهه.“ هن حڪم ڪندي چيو.

”هي ته گرڊو جي لکيل آهي.“ مون چٺي وٺندي چيو. منهنجا هٿ ڪنبڻ لڳا ۽ سڄون منهنجي آڏو نچڻ لڳيون. مون کي هن چٺيءَ جا صحيح اکر ته ياد ڪونهن، پر لکيل مڙئي هيئن هو.

مادموزيل سلام:—

جيئن اوهان کي خبر آهي، ڪن خاص حالتن ۽ مجبورين جي ڪري مان هتان وڃي رهيو آهيان. مڪمل صورتحال کي اوهان جي سامهون صاف صاف بيان ڪرڻ لاءِ مان اڄ تائين اوهان سان ملي نه سگهيس، بلڪ هينئن ئي سمجهو ته مون چاڻي واڻي ان جي ڪوشش نه ڪئي. اوهان جي پوڙهي ماڻيءَ جي اچڻ ۽ هن جي جاهلاڻي روئي منهنجي سيني شڪن کي ختم ڪري ڇڏيو. منهنجا ذاتي حالات ايترا خراب آهن، جو مان وڌيڪ خوشگوار حالات جي ڪابه اميد نٿو رکي سگهان، جيڪي ڪجهه وقت کان دل ۾ ماڻيندو ٿي آيس. مون کي

اٿڻ جي همت ڏني؟ نيڪ ٿي چوان نه؟"

اهو چئي اوچتو هوءَ اچي ٿهڪن ۾ پئي، جڻ ڪا عجيب اڻ وڻندڙ ڳالهه ياد اچي ويئي هجيس. هوءَ ويتر وڌيڪ زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳي. جيستائين منهنجو حال هو اهو نه پڇو ته بهتر آهي. سمجهو ته آءٌ واقعي بيهوش ٿي چڪو هوس يا خلا ۾ لڙڪي رهيو هوس. مون کي ياد آهي، ته هوءَ مون سان ڳالهيون ڪري رهي هئي، پر آءٌ هڪڙي ڳالهه به سمجهي نه سگهيس. اهو هڪ قسم جو وقفو هو، جڻ هوءَ جلدي مون کي ڪا ڳالهه ٻڌائي پنهنجو بار هلڪو ڪري رهي هئي. هن جا پيارا ٽهڪ انهيءَ وقفي جي سلسلي کي هر هر ٽوڙي رهيا هئا! هن چيو پئي: "تون واقعي ڏاڍو مٺو آهين. منهنجو سچو رازدار آهين." هن پوءِ منهنجي ڪلهن تي هٿ رکيا ۽ منهنجي اکين ۾ غور سان جهاتي پائيندي چيائين، "تون مون سان محبت ڪندو هئين- ڪندو آهين- ڪندين؟" منهنجيون اکيون هن جي چهري ۾ کتل هيون. مون هن کي پهريون ڀيرو ڪڏهن به عشق ۽ محبت واري اهڙي رنگ ۾ نه ڏٺو هو. اها ڳالهه صحيح آهي ته هوءَ وقفي پئي، پر هاڻ جو ڏٺائين ته مون به وقفو شروع ڪيو آهي ته وري چالاڪيءَ سان مرڪڻ لڳي ۽ هروڀرو اُسٽلي صاحب جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳي.

هوءَ لڳاتار اُسٽلي صاحب جي باري ۾ ڳالهيون ڪندي رهي. (سو به شايد هن مون کي اُسٽلي صاحب جي باري ۾ ٻڌائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.) مون کي ته انهن ڳالهين جو مطلب سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي آيو. پڪ انهن ڳالهين ڪرڻ سان هن جو مقصد منهنجي بي عزتي ڪرڻ هو! هر هر ٿي چيائين ته 'هو انتظار ڪري رهيو آهي.' هڪ دفعو مون کان پڇڻ لڳي. "ڇا توکي خبر آهي ته هو دريءَ وٽ بيٺو آهي؟ ها، ها، هن دريءَ جي هيٺان. وڃ دري کول ۽ پنهنجي اکين سان ڏس." آءٌ اٿڻ وارو ئي هوس، ته هوءَ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. آءٌ ڦڪو ٿي

”توکي ڇا پيو ٿئي؟ تون ته ڪو بيوقوف آهين؟“ بلانشي پنهنجي ٺهڪڻ وچان مون کي ترڙي ڏيندي چيو. ”جي آءٌ تنهنجا ٻه لک فرانڪ خرچ ڪري ڇڏيان، ته پوءِ ڇا ٿيندو! هڪ ٿي ته ڳالهه آهي. ان جي بدلي آءٌ توسان ظاهر ظهور ٻاهر گهمنديس. تنهنجو مرتبو ۽ وقار وڌندو ۽ هوئڻ پنهنجي هٿ سان تنهنجي نيڪنامي پڌنديس ۽ جي خدانخواسته سڀ پئسا هارائي به ڇڏيون، ته تون وري هتي اچجانءِ ۽ هاڻي وانگر وري بئنڪ جو رڪارڊ پيچجانءِ. ياد اٿئي پهوديءَ توکي ڇا ٿي چيو؟ جرئت ۽ حوصلو تو ۾ آهي. مون کي پڪ آهي ته تون پئرس ۾ سنهنجي لاءِ اڳ ـ ي ڪان به وڌيڪ پئسا ڪٺي ايندين. جتي رهجي اتي ڪٿڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي.“

”۽ جنرل صاحب....“

”جنرل صاحب روز مون وٽ گلن جو هڪ گلدستو کڻي ايندو هو. اج مون هن کي چيو ته فلاڻي رنگ جا گل آڻ. جڏهن غريب واپس ايندو ۽ ڏسندو ته پنجي اڏري ويو آهي، ته هو به امان جي ڳولا ۾ نڪرندو. تون خود ڏسندين. مون کي هن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿيندي. پئرس ۾ مون کي هن مان گهڻو ڪي فائدو حاصل ٿي سگهندو. هتي انسالي صاحب هن جي هوٽل جو بل ادا ڪندو....“

ان طريقي ۽ اهڙين حالتن ۾ آءٌ پئرس پهتس.

سلسلي ۾ چوويھه ڪلاڪ ترسندو. آءٌ هڻ ڪان هر ڳالهه پڇندس ۽ مون کي هر ڳالهه جي خبر پئجي ويندي. پوءِ آءٌ سڌو هيمبرگ هليو ويندس. روانڻ ٻرگ ڪونه ويندس. اتي وڃڻ جو ايندڙ سال تائين ته ڪو ارادو ڪونه اٿم. ماڻهو چوندا آهن ته هڪ ڏي ميز تي ٻيهر قسمت آزمائيءَ ڪرڻ سٺو شگون ڪونهي ۽ هوڻ به هيمبرگ اصل جوئا جو گهر آهي.

---

’انگ‘ تي هنيم (ان وقت ”انگ“ جوئي وارو هو.) جي اوهين پرديس ۾، هڪ اڻڄاڻ شهر ۾، جتي اوهان جو ڪو يار مددگار نه هجي ۽ اوهان وٽ رڳو هڪڙو گلدن هجي ۽ اها به خبر نه هجيوَ ته شام جو ڪاڏو ملندوَ يا نه ۽ اصل ان ئي وقت اوهين پنهنجو اهو آخري گلدن به داءَ تي هڻي ڇڏيو ته اوهان کي ان احساس ۾ ڪيتري نه لذت ايندي؟ آءٌ ڪئي ڀيرا ويس ۽ ويهن منٽن کان پوءِ کيسي ۾ هڪ سؤ ستر گلدن وجهيو، ڪاسينو کان ٻاهر نڪتو ويس. اها هڪ حقيقت آهي ته واقعي ڪڏهن ڪڏهن هڪ بچيل گلدن به گهڻو ڪجھ ڪري سگهي ٿو. جي آءٌ ان وقت بي همت ٿي وڃان ها ته ڇا ٿئي ها؟ جي مون هارائڻ جو خطرو نه کنيو هجي ها ته ڇا ٿئي ها؟....

سڀاڻي — سڀاڻي اهو سڄو قصو ختم ٿي ويندو.

---

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل ڪي پيا ڪتاب

تن ۽ تندرستي: صفحا ٣٣٦ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ٤-٥٠ ر
مصنف: ڊاڪٽر علي احمد قاض

جنرل سائنس: صفحا ٣٥٢ (ڊيمي سائيز)؛ قيمت ٣-٥٠ ر
مترجم: ڊاڪٽر علي احمد قاض

اقتصادي انصاف: صفحا ٢٨٢ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ٥-٠٠ ر
مترجم: غلام رضا پٺ

سنڌ جي اقتصادي تاريخ: صفحا ٣١٤ (ڊيمي سائيز)؛
قيمت ٦-٠٠ رپيا؛ مصنف: سراج.

ڪيمياءِ سعادت: صفحا ١٨٢ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ٣-٠٠ رپيا؛
مترجم: غلام حسين جلباڻي.

جادو ۽ سائنس (٣ ڀاڱا): صفحا ١٨٢٠ (ڊيمي سائيز)؛
قيمت ٣٤-٠٠ رپيا؛ مترجم: سومار علي سومرو.

معاشرو ۽ تعليم: صفحا ١٤٨ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ٥-٠٠ رپيا؛
مصنف: سيد غلام مصطفيٰ شاهه.

غلاميءَ مان مٿي چاڙهو: صفحا ٣٨٦ (ڪرائون سائيز)؛
قيمت ٦-٠٠ رپيا؛ مصنف: مرزا قليچ بيگ.

ڪتابن ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
جنرل پوسٽ آفيس باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.